اسلام جي آساني الله طرفان رحمت آهي

ايمان وارا هميشه پنهنجي زندگي رحيم ۽ ٻاجهاري ڌڻي جي احڪامن جي مطابق گذاريندا آهن جيڪي اُن قرآن ۾ نازل فرمايا آهن. چاهي اُهي ڪٿي به هجن، اُهي پنهنجو اُهو اخلاق ظاهر ڪندا آهن جنهن ۾ الله جي رضا آهي نه ڪي اهو جنهن ۾ ان جي ناراضگي آهي. پنهنجي رحم طور، الله انسانن کي اسلام ڏنو، اهو مذهب جنهن تي عمل ڪرڻ آسان آهي ۾ جيڪو زندگي کي بهتر ۽ مطمئن بڻائي ٿو. اسان قرآن مان ڏسي سگهون ٿا، اسلام جون تقاضائون آسان آهن: ”الله اوهان تي آساني ڪرڻ گهرندو آهي ۽ اوهان تي (ڪا) اوکائي ڪرڻ نه گهرندو آهي“(سوره البقره، 185)

رب جي رحم۾ شفقت جي ڪري، سڀني سچن مذهبن ۾ اُهي اصول شامل آهن جن تي عمل ڪرڻ آسان آهي. تاريخ ۾ ماڻهن کي دين ڪان پري ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجون زندگيون اِن مطابق گزارڻ کان روڪڻ لاءِ ڪيترين ئي ڪوششون ڪيون ويون آهن. اِن نتيجي ۾ ان مذهبن ۾ ڪافي هٿرادو عمل ۽ من گهڙيون ڪهاڻيون شامل ٿي ويون آهن. جڏهن اُهي انهن ۾ بلڪل ھي جذب ٿي ويون ماڻهن، چاڻيندي يا اڻ چاڻائي ۾، دين جي اصل تعليمات ڪان پري ٿي ويا. انهن تبديل ٿيل عقيدن مان سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ عقيدو اهو آهي ته دين مطابق زندگي گزارڻ مشڪل آهي. جڏهن ته الله ۽ ان جي رسول اهو فرمايو آهي ته ايمان وارن لاءِ ان دين تي عمل ڪرڻ آسان آهي. ٻين مخلوقات وانگر الله انسانن کي ”ڪجه به نه“ مان ٺاهيو آهي. ۽ اُن کي انهن سڀني جي چاڻ آهي ۽ هو انهن کي انهن جي ساه جي رڳ کان به ويجهو آهي. اُن دين هڪ اهڙي طريقي سان بڻايو آهي جيڪو هر انسان جي فطرت مطابق آهي.

پوءِ (اي پيغمبر) پنهنجي منهن کي دين لاءِ هڪ طرفو ڪري بيهار، الله جي دين جي ."
(پيروي ڪر) جنهن تي ماڻهن کي پيدا ڪيائين، الله جي خلقڻ کي ڪا مٽ سٽ نه آهي، اهو سِڌو دين آهي، پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن. " (سورت الروم،30)

قرآن هڪ اهڙو ڪتاب آهي جيڪو هر ڪوئي، عمر ۽ ثقافت جو فرق هوندي به، سمجهي سگهي ٿو. ماڻهن جو چوڻ ته "اِهو سچ نه آهي" انهن جي اسلام جي مزاج جي باري ۾ لا علمي تي ٻڌل آهي.اڄ، ڪيترائي ماڻهون قرآن ۾ بيان ڪيل سچن کان بيخبر آهن، ابدي زندگي جو هجڻ، جهنم جو عذاب، جنت جون لاتعداد نعمتون ۽ جيڪو الله ٻين معاملن بابت ٻڌايو آهي. البته، قرآن نازل ڪيو ويو جيئن ماڻهون اُن کي پڙهن، اِن جي دانائي کي سمجهن ۽ زندگي جو مقصد سکن.

" ۽ (هيءُ) قرآن پڙهان، پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو سو رڳو پاڻ لاءِ هدايت وارو ٿئي ٿو، ۽ جيڪو گمراهه ٿيو ته چؤ ته آءٌ رڳو ڊيڄاريندڙ آهيان. " (سورت النمل 92)

هڪ مسلمان جي وڏي ۾ وڏي ذميداري قرآن کي پڙهڻ ۽ اُن مطابق زندگي گزارڻ آهي. قرآن واضع آهي، جيڪو اِن کي پڙهندو آهي اُهو ان کي سمجهندو آهي. پر اُهي ئي جنهن کي الله سڌي رستي ڏانهن رهنمائي ڪندو آهي اِن جي تعليمات کي پنهنجي زندگي ۾ لاڳو ڪندا آهن. الله واعدو ڪيو آهي ته جيڪو هن ڏانهن سچائي سان مڙندو هي اُن جي سڌي رستي ڏانهن رهنمائي ڪندو. جيڪي چوندا آهن ته قرآن کي سمجهڻ مشڪل آهي اُهي ٻين کي اِن کي پڙهڻ، الله کي طرف مڙڻ ۽ اِن مطابق زندگي گزارڻ کان روڪيندا آهن. جڏهن ته، الله ڪيترين ئي آيتن ۾ اِهو فرمايو آهي ته قرآن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ آسان آهي.

" ۽ (اي پيغمبر) بي شڪ تو ڏانهن صاف آيتون موڪليون سون، ۽ بي دينن ڪانسواءِ ڪوبه اُن جو منڪر نه ٿيندو. " (سورت البقره، 99)

“. اي ماڻهؤ بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار ڪان هڪ پڪي سند آئي آهي ۽ اوهان ڏانهن
چٽو سوجهرو (قرآن) لاٿوسون. ” (سورت النساء،174)

الله پنهنجي رضا سان اسلام کي انسانن لاءِ چونڊيو آهي؛ ٻيو اِهو ته، قرآن جا احڪام ۽ انهن
تي عمل ڪرڻ آسان آهي. الله پنهنجي آيتن ۾ قرآن بابت فرمائي ٿو:

“. توتي قرآن هن لاءِ نه لاٿوسون ته تون اؤکو ٿئين. پر جيڪو ڊڄي تنهن جي نصيحت ڏيڻ
لاءِ (لاٿوسون).” (سورت طه،2-3)

پنهنجي بي انتها رحم ۽ پيار جي ڪري، الله قرآن ۾ اُهو زندگي جو طريقو بيان ڪيو آهي
جيڪو اسان جي خوشي ۽ اطمنان يقيني بڻائي ٿو. الله قرآن ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو:

“ ۽ جيڪو ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو تنهن کي چڱو بدلو ملندو، ۽ پنهنجي معاملي مان اُن کي
سولائي (جهڙو ڪم) چونداسون.” (سورت الڪهف،88)

“. ۽ الله (جي دين) ۾ اهڙو جهاد ڪريو جهڙو اُن جي جهاد جو حق آهي، اُنهيءَ اوهان کي
پسند ڪيو ۽ اوهان تي دين ۾ ڪا اوکائي نه ڪيائين، اوهان جي پيءُ ابراهيم جو دين (اوهان جو
دين ڪيائين)، الله اوهان جو نالو هن کان اڳ ۽ هن (قرآن) ۾ مسلمان هن لاءِ رکيو آهي ته
پيغمبر (□ رسُول □) اوهان تي شاهد هجي ۽ اوهين ماڻهن تي شاهد هجو، پوءِ نماز پڙهو ۽
زڪواة ڏيو ۽ الله کي چنبڙي وٺو، (جو) اُهو اوهان جو سائين آهي، پوءِ چڱو سائين ۽ چڱو
مددگار آهي.” (سورت الحج،78)

نبي اڪرم جن جي احاديث مبارڪه جي هڪ اهم ڳاله هي آهي ته اُنهن تي عمل ڪرڻ آسان آهي . نبي اڪرم جن قرآن کي پنهنجو رهبر بڻايو ماڻهن کي هي هدايت ڏنائون: ”ماڻهن لاءِ شيون آسان بڻايو، ۽ اُنهن لاءِ اِنهن کي مشڪل نه بڻايو. اُنهن کي ٿڌو ڪيو (وحي سان)، ۽ انهن سان نفرت نه ڪيو.“ (صحيح بخاري)

اهو هر مسلمان لاءِ اهم آهي ته هو ڏيڪاري ته مذهب، پنهنجي مزاج ۾، آسان آهي ماڻهن جي دلين ۾ قرآن ۽ اسلام جي تعليمات اجاگر ڪرڻ ۾، ۽ انهن کي قرآن ۽ نبي اڪرم جن جي سنت سيکاري جيڪي انهن جي زندگي جا واحد رهبر آهن. ڪيترائي ماڻهون ان سچ کان بيخبر آهن ۽ اُهي سوچين ٿا ته انهن جي زندگي وڌيڪ خوشگوار گزرندي جڏهن اهي قرآن جي تعليمات کان منهن موڙيندا اهو سوچي ته اُهو انهن کي زندگي مان مزي وٺڻ تي پابندي هٽندو. اهڙا غلط خيال هن حقيقت کي لڪائن ٿا ته قرآن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ آسان آهي، ڇاڪاڻ ته الله، جنهن انسانن کي بڻايو آهي، ان ڳاله کان باخبر آهي ته ڪهڙيون تعليمات هن جي مخلوق لاءِ بهتر آهن. حقيقت ۾، مشڪل اهڙن ماڻهن سان گڏ رهڻ ۾ آهي جيڪي انهن حدن کي نٽا ڇاڻن جيڪي الله ٺاهيون آهن.

جيڪي ساچائي سان پنهنجو پاڻ کي الله کي سوپين ٿا، جيڪي اُن کان ڊپ ڪائن ٿا ۽ اُن جي تعظيم ڪن ٿا، ۽ قرآن جي تعليمات تي عمل ڪن ٿا، اُهي ٻنهي جهانن ۾ ڪامياب ٿيندا. سڀ کان مٿي، اُهي روحاني خوشي محسوس ڪندا آهن ۽ پنهنجو ضمير صاف ڪندا آهن جيڪو الله جي اطاعت سان حاصل ٿيندو آهي

اِهي توبه ڪندڙ عبادت ڪندڙ ساراهه ڪندڙ (خُدا جي واٽ ۾) مُسافري ڪندڙ رُڪوع ڪندڙ سجدو " ڪندڙ چڱائيءَ جو حُڪم ڪندڙ ۽ مدائيءَ کان جهليندڙ ۽ الله جي حدن کي نگاهه ۾ رکندڙ آهن، ۽ (اهڙن) مؤمنن کي خوشخبري ڏي." (سورت التوبه،112)

ڪجه ماڻهون جيڪي دين جي مزاج کي نٿا سمجهي سگهن، آساني سان پڙهي سگهن ٿا ۽ اُن کان منع ڪري سگهن ٿا جنهن کان الله منع نه ڪيو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي ٻين کان بهتر ڄاڻي سگهن ٿا. الله ايمان وارن کي ان خطري کان آگاهه ڪيو آهي:

"اي پيغمبر ڪين) چؤ ته اي ڪتاب وارؤ حق ڪانسواءِ پنهنجي دين ۾ حد کان نه لنگهو ۽) انهيءَ قوم جي سڌن جي پٺيان نه لڳو جيڪي بيشڪ (پاڻ به) اڳ ڀُلا آهن ۽ (ٻين) گهڻن کي (به) ڀُلايو اٿن ۽ سڌيءَ واٽ کان ڀُلا آهن. " (سورت المائده،77)